Rasool Khuda Joon Shadiyoon ain Maghribi Naqaad

Marriages of the Messenger of Allah and Western Critics by Qurban Ali Bugti: Mehran Quarterly, Seerat Number 1980 numbers 3 & 4, editor: Nafis Ahmad Shaikh

رسول خدا جون شاديون ۽ سندن مغربي نقاد

قربان علي بگٽي

جناب محمد ﷺ جن جي عظيم ترين شخصيت کان سندن ڪٽر مخالفن به انڪار ڪونه ڪيو آهي. پوري انساني تاريخ ۾ هن جهڙو لعل ڪنهن ماءُ نه ڄڻيو:
بقول مشهور صحابي شاعر حضرت حسان بن ثابت جي ته:
”واجمل منک لم تلد النساءَ“
رسول خدا جو آندل اسلامي انقلاب ايڏو ته وسيع ۽ جامع آهي جو سڀ دنيوي انقلاب ان جي آڏو خاڪ برابر به نه آهن.

1789ع جي انقلاب فرانس بابت ڪارلائل جو ڪتاب "Past and Present" يا 1917ع جي ڪميونسٽ انقلاب بنسبت مسٽر اي-ايچ-ڪار جو ڪتاب "Bolshevik Revolution" پڙهي ڏسو.
معلوم ٿيندو ته حضرت محمد ﷺ جي اسلامي انقلاب جي پيش ۾ مٿين انقلابن جي ڪوڏيءَ جي حيثيت به ڪانه آهي.
ارڙهين صديءَ جي مشهور يورپي مؤرخ گبن (gibbon) کي جيتوڻيڪ رسول خدا سان ڪا همدردي ڪانه هئي پر ان هوندي به هو پنهنجي ڪتاب "رومي سلطنت جو زوال" (Decline and fall of Roman Empire) ۾ پيغمبر انسانيت جي آندل انقلاب کي "هڪ يادگار انقلاب" جي نالي سان موسوم ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته:
"هن انقلاب اقوام عالم تي نوان ۽ دائمي طور گهرا نقوش ڇڏي ڏنا آهن." (صفحه 1649 لنڊن).

"حسن يوسف دم عيسيٰ يد بيضاداري
آنچ خوبان همه دارند تو تنها داري"

پر افسوس جو اهڙي انقلابي ۽ عالمگير شخصيت جي سيرت لکڻ وقت مغربي عالمن انصاف ۽ ديانتداريءَ جو خون ڪيو آهي. هن عظيم انسان جي خلاف نهايت ئي غير مهذب ۽ اخلاق کان ڪريل الفاظ به ڪتب آندا اٿن. عيسائي عالمن جي انهيءَ شرمناڪ رويي جي مذمت ڪندي حضور ﷺ جن جو مشهور مصري سير نگار ڊاڪٽر محمد حسين هيڪل مرحوم (وفات 1957ع) پنهنجي ڪتاب ”حيات محمد ﷺ“، ۾ لکي ٿو ته ”مسيحي اڪثريت جي زبانن ۾ حضرت محمد ﷺ جي باري ۾ جيڪي الفاظ چيا وڃن ٿا اُهي لفظ هڪ ادنيٰ انسان لاءِ به هوند برداشت نه ڪجن. ان مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سندن سينن ۾ اسان جي پيغمبر سڳوري خلاف ڪيڏو نه زهر پريل آهي.“ (صفحه 5) عيسائي عالمن هڪ سوچيل سمجهيل پلان جي ماتحت رسول خدا جي خلاف ڪوڙي پروپيگنڊا ڪري، پنهنجي عوام کي نفرت ڏياري. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو مغرب جا ڪيترائي پڙهيل دانشور شخص به متاثر ٿي ويا. خود مسلمان قوم جو هڪ طبقو مذڪوره ڪتاب پڙهي مذبذب ٿي وڃي ٿو. سر وليم ميور (Muir) جو ڪتاب ”حيات

محمد“ (Life of Mohammed) توڙي پروفيسر مرگيو لوٿ (Margoliouth) جو ڪتاب ”محمد“ (Mohammad) ڪُليل شهادت جي حيثيت رکن ٿا.

مخالفت جو سبب احساس ڪمتري

عيسائي عالمن ۽ پادرين ڏٺو ته مسلمانن پنهنجي نبيءَ سڳوري ﷺ جي هر چيل لفظ کي رڪارڊ ڪيو آهي. دنيا ۾ ٻئي ڪنهن به پيغمبر يا رشيءَ جي سوانح عمري ان نموني سان قلمبند ٿيل ئي نه آهي. حضور ﷺ جي سوانح نگارن جو هڪ اهڙو سلسلو آهي جو ڪڏهن به ختم ڪونه ٿو ٿئي. رسول ڪريم ﷺ جي سوانح لاءِ جيتوڻيڪ پروفيسر مرگيو لوٿ جو ڪتاب سخت زهر آلوده ۽ تعصب سان ڀريل آهي، ان جي باوجود هو پنهنجي ڪتاب ”محمدﷺ“ (Mohammad) ۾ اعتراف ڪرڻ تي مجبور ٿيو ته ”محمد (ﷺ) جي سوانح نگارن جو هڪ طويل سلسلو آهي جنهن جو ختم ٿيڻ ناممڪن آهي، پر ان ۾ جڳهه وٺڻ قابل عزت آهي.“

“The biographers of the prophet Mohammad form a long series it is impossible to end but

in which would be honourable to find a place.”

جان ڊيون پورٽ (Daven Port) 1870ع ۾ پنهنجي ڪتاب ”Apology for Mohammad and Koran“ ۾ لکي ٿو ته ”ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته سڀني قانون دانن ۽ فاتحين مان هڪڙو به اهو نه آهي، جنهن جي سوانح عمري محمد ﷺ جي سوانح عمري کان وڌيڪ مفصل ۽ سچ هجي.“ ان جي برعڪس خود عيسائين جي پيغمبر حضرت عيسيٰ جي زندگي بابت احوال افسانن کان وڌيڪ ڪجهه به نه آهي. ايتري قدر جو ويهين صدي يورپ جو ممتاز مفڪر ۽ فلسفي آنجهاني برٽراند رسل پنهنجي ڪتاب “Why I am not a christian” ۾ ٿو لکي ته ”تاريخي طور تي هيءَ ڳالهه نهايت ئي مشڪوڪ آهي ته عيسيٰ نالي شخص به ڪڏهن پئدا ٿيو هو، جي وري پيدا ٿيو ته اسان کي هن بابت ڪا خبر نه آهي.“

“Historically it is quite doutful whether Christ ever existed at all, if he did, we do not know any thing about him.” (p. 11)

اسان جي قرآن مجيد ۾ رتيءَ پر به ڦيرو ڪونه آهي. هيءَ ڪاتب اڄ به اسان وٽ ساڳيءَ شڪل ۾ موجود آهي، جنهن نموني رسول خدا تي نازل ٿيو هو. قرآن جي زبان ڳالهائڻ وارا ڪروڙن جي تعداد ۾ دنيا ۾ موجود آهن. هن ئي ڪتاب کي اهو شرف حاصل آهي جو ان جا حافظ هزارن جي تعداد ۾ پوريءَ دنيا ۾ موجود آهن. انگريز عالم پروفيسر نڪلسن (Nichalson) به قرآن شريف جي محفوظيت کي تسليم ڪندي پنهنجي ڪتاب ”عربن جي تاريخ“ "Alterary History of the Arabs" ۾ قرآن بابت لکي ٿو ته ”(قرآن جو) متن جنهن نموني اسان وٽ پهتو، ان ۾ مختلف قرائتون گهٽ ۽ غير ضروري آهن، پر قرآني متن جي صحت شڪ و شبهه کان بالاتر آهي.“

“In text as it has come down to us the various readings are few and un important, and its genuineness is above suspicion.” (P-143)

ان جي برعڪس موجوده انجيل مقدس جي متن بابت خود عيسائي عالم سخت الجهن ۾ مبتلا آهن. انجيل اصلوڪي زبان ۾ قرآن مجيد وانگر دستياب نه آهي، ۽ نڪي ان جا

حافظ آهن، ۽ نه قاري. اپريل 1965ع ۾ مشهور رساله لائيف (Life) جو بائبل نمبر شايع ٿيو هو. ان جو بيان آهي ته ”هي انجيل انسانن جو لکيل ڪتاب آهي...... ان جا اڪثر الفاظ ماڻهن جا تصنيف ٿيل آهن، جن جا نالا به اسان کي معلوم نه آهن ۽ عيسائيت جي ڦهلجڻ کان پوءِ غلطيون وڌنديون رهيون، تان جو عهد نامه جديد ۾ عهدنامه قديم کان به زياده تبديلويون ٿيون آهن.“

بيو مکيه سبب صليبي لڙايون

اسلام ۽ پيغمبر اسلام تي مغربي ليکڪن جي حملي جو بيو مکيه سبب يارهين صديءَ ۾ لڙيل ”صليبي جنگيون“ (War of Crusades) آهن جن ۾ مشهور مسلمان ۽ ڪرد ليبدر سلطان صلاح الدين ايوبي ڪانئس بيت المقدس واپس ورتو هو. مسلمانن جي خلاف انهن لڙاين ۾ سپئي يورپي قومون پوپ جي اپيل تي متحده رهيون. جنگين جي تفصيل لاءِ ملاحظه ٿئي پروفيسر لين پول جو ڪتاب ”Saladin and fall of jeruslam .

صليبي لڙاين کان پوءِ يورپي لوڪن جي ذهن ۾ پيغمبر خدا ﷺ جي شخصيت بابت سخت تعصب ويهي ويو ۽ انهن نهايت ئي ڪريل لفظن ۾ اسان جي رسول پاڪ

ﷺ تي حملا شروع ڪري ڏنا. اهو سلسلو اڃان تائين جاري آهي. سابق جرمن نو مسلم مسٽر ليوپولڊ اسد پنهنجي ڪتاب ”شاهراه مڪه“ (The Road to Mecca) ۾ صليبي لڙاين جي اثرات بابت نهايت ئي فڪر انگيز بحث ڪيو آهي جو پڙهڻ وٽان آهي.
هو پاڻ مغرب ۾ پيدا ٿيو، بعد ۾ اسلام قبول ڪيائين، ان ڪري سندس راءِ مستند ۽ وزني آهي. هو به چوي ٿو ته اسلام ۽ پيغمبر اسلام خلاف مغربي عيسائي قومن جي تعصب ۽ ڪيني لاءِ صليبي جنگيون جوابدار آهن. ناظرين جي مطالع ۽ معلومات لاءِ مسٽر اسد جي ڪتاب مان حوالو عرض رکجي ٿو.
“The damage caused by the crusades was not restricted to a clash of weapons: it was, first and foremost, an intellectual damage the poisoining of the weastern mind against the Muslim word through a deliberate misrepresentation of the teaching and ideals of Islam. For, if the call for a crusade was to maintain its validity, the prophet of the

Mulims had, of necessity, to be stamped as the Ani-Christ and his religion depicted. In the most lurid terms as a fount of immorality and perversion. It was at the time of the crusadesualism and brutal violence, of an observance of ritual instead of a purification of the heart, entered the western mind and remained there, and it was then that the name of the prophet Muhammad the same Muhammad who had insisted that his own followeres respect the prophets of other religions - was contemptuously transformed by Europeans in to “Mahound” (P-6 and 7)

(ترجمو:”صليبي جنگين جيڪا تباهي مچائي، اها هٿيارن جي ويڙهه تائين محدود نه هئي. اها پهرين ۽ اولين ذهني تباهي هئي جنهن مغربي ذهنن کي اسلامي دنيا جي خلاف اسلام جي تعليم ۽ آدرش جي سوچيل سمجهيل غلط بياني وسيلي، زهر آلوده ڪيو. چو جو، جيڪڏهين صليبي جنگ جي ڪوٺ کي جائز قائم رکڻو هو ته مسلمانن جي

پيغمبر ﷺ کي ضروري طور تي، عيسيٰ دشمن ڪوٺي، سندس مذهب کي بداخلاقي ۽ عياشيءَ جي بنياد جي پوائٽن لفظن ۾ پيش ڪرڻو هو. اهو ڪل جهڙو خيال صليبي جنگين دوران مغربي ذهن ۾ داخل ٿيو ۽ اتي ئي ويهي رهيو ته اسلام اينگي عياشي ۽ وحشيانه تشدد وارو ۽ روح جي پاڪائي جي بدران رسمن جي پابنديءَ جو مذهب هو. ۽ انهيءَ ڪان پوءِ يورپي لوڪ حضرت محمد ﷺ جن کي ذڪار وچان ”ماهوند“ ڪوٺڻ لڳا، جنهن پنهنجن پوئلڳن کي هدايت ڪئي هئي ته ٻين مذهبن جي پيغمبرن عليهم السلام جو به احترام ڪريو.“)

اسد صاحب جي بقول صليبي لڙاين جي ئي ڪري يورپي لوڪن جا ذهن اسلام خلاف زهر آلوده ٿيا. هنن اسلام کي جبر ۽ تشدد وارو مذهب سمجهيو ۽ محمد ﷺ کي نعوذ بالله ”ماهوند“ ڪوٺڻ لڳا. هي هٿيارن جو جهيڙو نه هو، پر اها لڙائي يورپين جي ذهني نقصان ۽ شڪست جي صورت ۾ ظاهر ٿي هئي. اسد صاحب اڳتي هلي پنهنجي ڪتاب ۾ انڪشاف ڪيو آهي ته شعوري چاهي غير شعوري طرح يورپي ذهنن تي اجان تائين مذڪوره جنگين جو ڀوت سوار آهي.

هڪ مغربي ليکڪ منٽگمري واٽ (Mantgomery Watt) پنهنجي ڪتاب ”مڪي محمد ﷺ“ (Mohammad at Mecca) ۾ لکي ٿو ته ”محمد ﷺ کي دغاباز سمجهڻ سان مسئلا حل ڪونه ٿيندا پر وڌيڪ پيدا ٿيندا. مغرب ۾ تاريخ جي ڪنهن به هستيءَ خلاف ايتري ڏڪار نه آهي جيتري محمد ﷺ خلاف. هن جو قدر پين سپني جي مقابلي ۾ گهٽ ڪيو وڃي ٿو.“

“To suppose Muhammad as imposter raises more problems than it solves. Moreover, none of the great figures of history is so poorly appreciated in the west as Muhammad.”

اهو ئي سبب آهي جو مغربي مصنفن حضرت محمد ﷺ خلاف طرحين طرحين جا بيهودا الزام مڙهيا، خاص طور تي انهن رسول خدا ﷺ جي شادين تي به اعتراض ڪيا.

مهراڻ جي سيرت نمبر لاءِ جڏهن مون کي مضمون لکڻ لاءِ دعوت ڏني وئي ته ان موقعي کي غنيمت سمجهي مون سيرت بابت هي مضمون لکيو. مهراڻ هڪ علمي ۽

ادبي پرچو آهي، سنڌ جا اڪثر پڙهيل ۽ دانشور ان جو مطالع ڪندا رهندا آهن. اميد اٿم ته قارئين حضرات هي مقالو غور سان پڙهندا.

<u>رسول ڪريم ﷺ جون شاديون</u>

رسول ڪريم ﷺ جي مغربي سيرت نگارن خاص طور سر وليم ميور (Muir) صاحب پنهنجي ڪتاب "حيات محمد (Life of Mohammad) ۾ حضور ﷺ جن جي مڙني شادين تي اعتراض ڪندي هن عظيم ترين شخصيت تي "شهوت پرستي" (Profilgacy) جو نعوذ باالله الزام مڙهي ٿو. ميور جيتوڻيڪ عربي دان به هو، پر ان اسان جي پياري پيغمبر ﷺ جي سوانح حيات تعصب جي عينڪ چاڙهي لکي آهي. "ڪٿر جنين اکين ۾ سي ڪيئن پرين پسن." جنهن شخص پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ عربستان ڏيهه ۾ عظيم ترين اسلامي انقلاب برپا ڪري جاهل بدو عربن کي اخلاق، تهذيب ۽ شائستگي سيکاري، تنهن تي شهوت پرستيءَ جو بيهوده ۽ واهيات الزام مڙهڻ سخت تعصب، جهالت ۽ شرارت آهي.

هڪ مغربي مصنف وليم ڊريپر (Draper) پنهنجي مشهور ڪتاب "يورپ جي ذهني ارتقا جي تاريخ" (A

History of the intellectual Development of Europe) ۾ رسول خدا جي عظمت ۽ سندس تاريخ ساز شخصيت کي تسليم ڪندي لکي ٿو ته "569ع ۾ (رومي بادشاه) جسٽينين جي وفات کان چار سال پوءِ عربستان جي شهر مڪه معظم ۾ هڪ اهڙو شخص پيدا ٿيو جنهن سڀني ماڻهن جي پيٽ ۾ انساني نسل کي وڌ ۾ وڌ متاثر ڪيو هو."

"Four years after the death of Justinia (569 A. D) was born at Mecca, in Arabia, the man who, of all men, has exercised the greatest influence upon the human race."

چا اهڙي پاڪ دامن انسان تي ڪو به بيهوده الزام مڙهي سگهجي ٿو جو هڪ مغربي عالم باسورٿ سمٿ (Smith) جي لفظن ۾ "سڀني مصلحن جي پيٽ ۾ هو (محمد صلي الله عليه وسلم) عظيم ترين." He is the greatest of all the Reformers."

اهڙيءَ بلند هستيءَ جي ڪردار بابت ميور جي الزامن جي ڪهڙي حيثيت ٿي سگهي ٿي؟ ان هوندي به اسان جو فرض آهي ته رسول خدا صلي الله عليه وسلم جي مغربي سوانح نگارن جي

طرفان اٿاريل اعتراضن جا جواب ڏيون. رسول ڪريم ﷺ جي شخصيت بابت اسان جا نوجوان مغربي سيرت نگارن جا ڪتاب پڙهي گمراهه ٿي سگهن ٿا، ڇو جو کين ديني تعليم ميسر نه آهي. هي ڪم وڏن ديني عالمن کي ڪرڻ کپندو هو، پر افسوس جو انهن پنهنجن سيرت جي ڪتابن ۾ ڪا خاص ڪوشش نه ڪئي آهي. برصغير هند و پاڪ ۾ مرحوم سر سيد احمد خان پنهنجن تصنيف ”خطبات احمديه“ ۾ ميور جي ڪن اعتراضن جا جواب ڏنا آهن، جي اڌورا ۽ غير تسلي بخش آهن، ڇو جو اخلاص جي باوجود سر سيد مرحوم ڪتاب و سنت جي علم سان مزين نه هو ۽ ٻيو ته هن جو پنهنجو رجحان به تجدد پسندي جو هو، انهن سببن ڪري پنهنجين ڪوشش ۾ ناڪامياب ٿيو.

هن مختصر گذارش ڪرڻ بعد هيئنر اسين پياري پيغمبر ﷺ جي شادين ۽ سندن ازواج مطهرات بابت ذڪر ڪنداسين.

بيبي خديجة الڪبريٰ رضه سان شادي

نبي ﷺ جن جي پهرين شادي حضرت خديجة الڪبريٰ رضي الله تعاليٰ عنها سان ٿي هئي. ان وقت حضور

صلی الله علیه وسلم جن جي عمر اٽڪل 25 سال هئي ۽ بيبي صاحبه چاليهن سالن جي عورت هئي. سندن فرزند حضرت ابراهيم کان سواءِ باقي سڀ ٻار حضرت خديجہ مان ڄاوا هئا. پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن اٺاويهه سال حضرت خديجة الڪبريٰ سان گذاريا ۽ نيڪ سيرت خاتون جي وفات وقت سرورِ ڪائنات عليہ الصلوات و السلام جن جي عمر مبارڪ پنجاه کان به مٿي ٿي وئي هئي. ان وقت عرب ۾ هڪ کان وڌيڪ شادي ڪرڻ جو رواج پڻ عام هو، پر ان هوندي به پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن فقط هڪ شاديءَ تي اڪتفا ڪئي. بيبي صاحبه جي بطن مبارڪ مان ڪيئي پٽ ڄاوا پر اهي سڀ صغر سني ۾ وفات ڪري ويا. فقط چار نياڻيون هيون جي خدا جي فضل سان زنده رهيون. نرينه اولاد نه هجڻ ڪري به ماڻهو ٻي شادي ڪندا آهن پر حضور صلی الله علیه وسلم جن ائين ڪرڻ کان گريز ڪيو، تان جو حضرت خديجہ انتقال ڪري وئي هئي. محمد صلی الله علیه وسلم جن نبوت کان اڳ بيبي صاحبه جي معيت ۾ سترهن سال گذاريا ۽ نبوت عطا ٿيڻ کان بعد ۾ يارهن سال، ڪل رفاقت اٺاويهه سال ٿي هئي. اولاد جي نڪته نگاه سان به حضور صلی الله علیه وسلم جن جي حياتي لائق

توجهه آهي. سندن عمر مبارڪ پنجاهه سالن کان قريب پهتي هئي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن کي پهرين گهر واريءَ جي بطن مان ٻار ڄاوا هئا. حضور ﷺ جن جو فرزند حضرت ابراهيم، جنهن جي وفات ننڍپڻ ۾ ٿي هئي، سو بيبي ماريه قبطي مان ڄائو هو. هن ٻالڪ جي ولادت وقت حضور ﷺ جن جي عمر سٺ سال هئي. مطلب ته انهن ٻنهي گهر وارين يعني حضرت خديجه ؓ بيبي ماريه قبطي کان علاوه حضور ﷺ جن کي باقي ازواج مطهرات مان ڪو به ٻار تولد نه ٿيو، حالانڪه اهي بيبيون سڳوريون ٽيهن کان وٺي چاليهن سالن جي عمر جون هيون.

حضور ﷺ جن جواني ۾ پاڪ دامن هئا - ميور جي شهادت

مٿي عرض ڪيو ويو ته حضور ﷺ جن جو پهريون نڪاح بيبي خديجه سان اٽڪل پنجويهن ورهين ۾ ٿيو، جڏهن بيبي صاحبه چاليهن ورهين جي هڪ ڦلاوتڻ عورت هئي. حضور ﷺ تي شهوت پرستيءَ جو الزام لڳائڻ تي مغربي عالمن کي شرم اچڻ گهرجي. هڪ

شهوت پرست انسان نوجوان ٿي ڪري پاڻ کان پندرهن سال وڏيءَ عمر واريءَ عورت سان ڪيئن شادي ڪندو ۽ پنهنجي سڄي عمر ان هڪڙيءَ جي رفاقت تي صرف ڪندو؟ خدارا ذرا سوچيو ۽ عقل کان ڪم وٺو. ڇو تعصب ۾ انڌا ٿيا آهيو، ڇوندا آهن ته جواني ديواني آهي، انهيءَ عمر ۾ انسان جي ڪردار ۽ پاڪ دامنيءَ کي پرکيو وڃي ٿو. حضور ﷺ جن جي جوانيءَ واري عمر لاءِ سندن ڪثر مغربي نقاد به شاهدي ڏين ٿا ته اها عفت ۽ پرهيزگاري ۾ گذري هئي. مثال طور خود سر وليم ميور صاحب پنهنجي ڪتاب ”حيات محمدﷺ“ (Life of Muhammed) ۾ هڪڙي هنڌ حضور ﷺ جي جوانيءَ واريءَ عمر ۾ سندس اخلاق، خصلتن، توڙي عادات و اطوار جي بيحد تعريف ڪري ٿو، جن اسباب ڪري حضور ﷺ جن کي ”الامين“ جو خطاب عرب ۾ مليو هو. ميور لکي ٿو ته:

“Our authorities, all agree in ascribing to the youth of Mohammad a modesty of deportment and purity of manners are among the people of Mecca... Endowed with a

refined mind and delicate taste, reserved and melitative. he live much within himself, and the ponderings of his heart no doubt supplied occupation for leisure hours spent by others of a lower stamp in rude sports and profgacy. The fair character and honourable bearing of the unobtrusive youth won the approbation of his fellow-citizens; and he recieved the title, by common consent, of Al—Ameen, the Trust worthy.” (-38-39)

(ترجمو:اسان جا مصنف جيڪي محمد (صلى الله عليه وسلم) جن جي جواني واري عمر کي حياءُ واري ورتاءُ ۽ سليقه مند سچائي سان نسبت ڏيکارڻ ۾ متفق آهن، اهي سڀئي مڪي وارن منجهان آهن... پاڻ سڌريل ذهن ۽ نازڪ ذوق جا مالڪ ۽ نويڪلائي پسند هئا، ۽ پنهنجو پاڻ پروڙڻ جي سوچ فڪر ۾ گذاريندا هئا ۽ انهيءَ ۾ شڪ ناهي ته هيٺين ذهن رکندڙن جي وحشيانه وندر ۽ عياشيءَ ۾ گذرندڙ فرصت جي گهڙين بابت دل ۾ ڳڻ ڳوت ڪندا هئا. سٺي ڪردار ۽ معزز ورتاءُ واري هن حيادار نوجوان پنهنجي

شهر واسين جون دليون جيتي ورتيون ۽ عام منظوريءَ سان ڪيس ”الامين“ جو خطاب مليو جنهن جي معنيٰ آهي ”سچو“ يا پروسي جوڳو.)

حضرت عائشه رضه سان شادي

بيبي خديجه رضه جي وفات تي سرڪار مدينه کي صدمو رسيو. صحابين سڳورن مان ڪنهن صلاح ڏني ته هو حضرت ابوبڪر جي نياڻي حضرت عائشه سان نڪاح ڪري. هن نڪاح ڪرڻ جو مطلب اهو به هو ته حضرت ابوبڪر رضي الله عنه سان رشته داري جا تعلقات قائم ٿيڻ جو حضور صلى الله عليه وسلم جن جي وزيرن مان هڪ وزير هو. احاديث ۾ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم حضرت ابوبڪر جي عظمت ۽ فضيلتن جي بي حد تعريف ڪئي هئي. حضرت عائشه نڪاح جي وقت صغير هئي ۽ نون ورهين جي عمر ۾ هن جي رخصتي ٿي هئي. ان ڪري حضور صلى الله عليه وسلم جن جي ساڻس دلي رغبت جو سوال ئي پيدا نه پيو ٿئي.

بيبي سوده رضه سان نڪاح

مٿي عرض ڪيو ويو ته حضرت عائشہ رضه نڪاح جي وقت صغير هئي، ان ڪري رسول خدا صه حضرت سوده رضه سان شادي ڪئي. ان کان اڳ ۾ حضرت سوده پنهنجي مڙس سان گڏ قريش جي ظلمن کان عاجز ٿي حبش ڏانهن هجرت ڪري وئي هئي. اتان واپسيءَ بعد واٽ تي سندس مڙس جو انتقال ٿيو ۽ هيءَ ويچاري ڦلاوٽن (بيوه) ٿي وئي. ان وقت مسلم امت ٿوري تعداد ۾ هئي. ٻڌايو ته هيءَ نيڪ سيرت خاتون ڪاڏي وڃي. حضرت سوده رضه پنهنجيءَ رضا خوشيءَ سان نبي ﷺ سان شادي ڪرڻ ٿي گهري جا حضور ﷺ جن قبول ڪرڻ فرمائي.

حضرت حفصه رضه سان شادي

بيبي حفصه رسول ڪريم ﷺ جي هڪ ٻئي وزير حضرت عمر رضه جي نياڻي هئي. هن رشته ڪرڻ جو مقصد اهو به هو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت عمر جي ويجهو ٿين. حضرت حفصه جو مڙس خنيس بدر جي لڙائيءَ ۾ شهيد ٿيو. جيئن مٿي عرض ڪيو ويو، ان وقت

اسلامي امت ۾ مڙدن جي ٿورائي هئي، ان ڪري حضرت عمر رضه پنهنجي بيوه ڌيءَ حفصه جي شاديءَ لاءِ پهريائين حضرت ابوبڪر ۽ پوءِ حضرت عثمان کي چيو، پر ٻنهي جي نابري وارڻ تي آخرڪار سال ٽئين هجريءَ ۾ رسول الله ﷺ حضرت حفصه هڪ ڦلاوتڻ عورت سان شادي ڪئي. ساڳي سال هڪ صحابي حضرت عبدالله ابن جحش اسد جي لڙائيءَ ۾ مارجي ويو ۽ هن جي ڦلاوتڻ زال حضرت زينب رضه سان حضور ﷺ جن شادي ڪئي. هڪ سال بعد ابو سلمہ جي موت کان پوءِ سندس ڦلاوتڻ زال ام سلمه حضور جن جي نڪاح ۾ آئي.

حضرت زيد جي مطلقه زال زينب رضه سان شادي

حضرت زينب بنت جحش رسول ڪريم ﷺ جي ڦاٽ هئي. حضور ﷺ جن پاڻ هن جو نڪاح پنهنجي آزاد ڪيل غلام حضرت زيد رضه سان ڪرڻ پئي چاهيو، پر عرب ۾ ان وقت نسلي غرور اوج تي هو. حضرت زينب رضه جي مائٽن پنهنجي وقار جي منافي سمجهيو ته قريش

جي هڪ عورت جي شادي هڪ غلام سان ڪرائجي، پر حضور ﷺ جن هن نسلي غرور جي لعنت مٽائڻ لاءِ حضرت زينب رضه جي شادي زيد سان ڪرائي پر بعد ۾ ٻنهي جي وچ ۾ اڻ بڻت پئدا ٿي هئي، ان ڪري حضرت زيد رضه زينب کي طلاق ڏني، ان کانپوءِ سندس مائٽن زينب جو نڪاح خود حضور ﷺ جن سان ڪرايو هو.

ام المساڪين حضرت زينب رضه سان شادي

ام المؤمنين حضرت زينب بنت خزيمہ اڳ ۾ حضرت عبيده بن حارث سان پرڻيل هئي. هن جو مڙس بدر جي لڙائيءَ ۾ شهيد ٿي ويو. پاڻ ڏاڍي سخي عورت هئي، ان ڪري ام المساڪين يعني مسڪينن جي ماءُ جي لقب سان مشهور ٿي وئي. حضور ﷺ جن هن نيڪ ڦلاوتڻ عورت سان شادي ڪئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن جي حرم ۾ هڪ يا ٻه سال رهڻ بعد وفات ڪري وئي. حضرت خديجه کان پوءِ ٻئي نمبر تي حضرت زينب انتقال ڪري وئي هئي.

بيبي جويره رضه سان شادي

بني مصطلق جي لڙائيءَ ۾ مسلمانن جي هٿ ڪيترائي جنگي قيدي چڙهيا، انهن ۾ مردن سان گڏ عورتون پڻ هيون. انهن عورتن مان عرب سردار حارث جي ڌيءَ حضرت جويريه رضه پڻ هئي. حارث پاڻ حضور صلى الله عليه وسلم جن وٽ ڪهي آيو ۽ پنهنجن پٽن سان گڏ اسلام قبول ڪيائين. جويريه جو مڙس اڳ ۾ ئي گذاري ويو هو ان ڪري حارث پنهنجيءَ هن ڦلاوتڻ ڌيءَ جو سڱ حضور صلى الله عليه وسلم جن کي ڏنو. شاديءَ بعد مسلمانن بني مصطلق جي سڀني گرفتار ڪيل ماڻهن کي انهيءَ بهاني سان ازاد ڪيو ته جنهن قبيلي مان نبيءَ صلى الله عليه وسلم جي شادي ٿي آهي ان کي گرفتاريءَ ۾ رکڻ روا نه آهي.

حضرت ام حبيبه رضه سان شادي

هيءَ خاتون ابو سفيان جي ڌيءَ ۽ حضرت معاويہ رضه جي پيڻ هئي. حضرت ام حبيبہ به حبش ڏانهن هجرت ڪري وئي هئي. اتي سندس مڙس عبيدالله عيسائي مذهب اختيار ڪيو. هن جو مڙس اتي ئي گذاري ويو ۽ اهڙيءَ طرح حضرت ام حبيبہ ڦلاوتڻ ٿي وئي. ابو سفيان احد جي لڙائيءَ

۾ حضور صلى الله عليه وسلم جن خلاف لڙيو ۽ بعد ۾ مسلمان ٿيو. پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم جن هڪ هنڌ ابو سفيان جي تعريف ڪندي فرمايو ته:”من دخل دار ابي سفيان ڪان آمنا“ (جو ابو سفيان جي گهر ۾ گهڙندو امن وارو آهي.) بيبي ام حبيبہ سان شادي ڪرڻ جو مقصد بني اميه سان رشته داري پڻ قائم ڪرڻي هئي، ان ڪري رسول خدا صلى الله عليه وسلم ابوسفيان جي ڌيءَ بيبي ام حبيبہ سان شادي ڪئي هئي.

صفحو 25

صفيه، ماريه ۽ ميمونه رضه سان شاديون

سن ستين هجريءَ ۾ مسلمانن جي يهودين سان خيبر جي لڙائي لڳي هئي. ان ۾ هڪ يهودي سردار جي ڌيءَ حضرت صفيہ پڻ گرفتار ٿي آئي. يهودي مسلمانن خلاف دائمي طور لڙندا رهيا ۽ انهن لاءِ دردِ سر ثابت ٿيا. حضور صلى الله عليه وسلم جن هن قبيلي سان رشته داري قائم ڪرڻ جي ارادي سان حضرت صفيہ رضه سان شادي ڪئي، جا به هڪ ڦلاوتڻ عورت هئي چو جو سندس مڙس خيبر

جي لڙائيءَ ۾ مارجي ويو. ساڳي سال حضور ﷺ جن حضرت ماريہ قبطيءَ سان شادي ڪئي جا مقوقس مصر جي بادشاه کين سوکڙيءَ طور موڪلي هئي. حضور ﷺ جن جو فرزند حضرت ابراهيم بيبي ماريہ قبطيءَ جي بطن مان ڄائو هو ۽ ننڍي هوندي لاڏاڻو ڪري ويو، جنهن جي وفات تي حضور ﷺ جن غمگين ٿيا. سندن اکين مبارڪن مان ڳوڙها ڪرندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته:”العين تدمع و القلب يحزن و انا بفراقک يا ابراهيم لمحزونون“ (اکين مان ڳوڙها ڪرن ٿا، دل غمگين آهي. اي ابراهيم! تنهن جي وڇوڙي ڪري اسين غمزده آهيون.)

ساڳي سال هڪ ٻي ڦلاوتڻ عورت حضرت ميمونہ رضه حضور ﷺ جن سان شادي ڪرڻ چاهي. سندس هيءَ استدعا حضرت محمد ﷺ جن قبول ڪرڻ فرمائي ۽ سائيس شادي ڪيائون.

چار شاديون ۽ اسلام

اسلام ۾ هڪ ئي وقت چئن شادين ڪرڻ جي اجازت آهي، بشرطيڪ انهن جي وچ ۾ انصاف ڪيو وڃي ۽

زالن جي حقن جي حفاظت ڪئي وڃي. قرآن مجيد ۾ مسلمانن کي حڪم ٿيل آهي ته:”فانڪحو اماطاب لکم من النساء مثنيٰ و ثلاث و ربٰع فَاِن خفتم الا تعدلو افواحدة اوما ملکت ايمانکم.“ هاڻي ڪو شخص مونجهاري ۾ پئجي سگهي ٿو ته اسلام ۾ مشروط طور هڪ ئي وقت چئن زالن جي پرڻجڻ جو حڪم آيل آهي، پر رسول ڪريم ﷺ چئن کان مٿي شاديون ڪيون هيون. ان سوال جو جواب هن طرح آهي ته چئن زالن رکڻ واري آيت هجرت کان پوءِ اٺين سال نازل ٿي هئي، جڏهن ته رسولﷺ جن سيئي شاديون مٿينءَ آيت جي نزول کان اڳ ۾ ڪيون هيون. اهڙيءَ طرح معترضين جي ان سوال جو جواب به ملي وڃي ٿو ته عام مسلمانن کي ته چئن زالن پرڻجڻ جو حڪم ٿيل آهي، پر نبي ﷺ ان کان وڌيڪ شاديون ڪيون.

رسول الله ﷺ کان اڳ به پيغمبرن هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪيون

ڪيترن ئي ذهنن کي رسول ڪريمﷺ جي شادين بابت مونجهارو پيدا ٿيو آهي. سندن مخالف سوانح نگارن

جهڙوڪ ميور ۽ ٻين هن عظيم انسان تي عياشي (Profilgacy) جو الزام مڙهيو. جنهن شخص ويهن سالن جي عرصي ۾ عرب ڌيهه ۾ هڪ وڏو انقلاب برپا ڪيو، ماڻهن کي تهذيب ۽ شائستگي سيکاري، ان لاءِ الزام مڙهڻ ته هو پاڻ اخلاق کان ڪريل هو، سخت تعصب ۽ جهالت تي مبني آهي. ڇا ڪو به اونده ۾ رهڻ وارو شخص ٻئي ڪنهن کي به روشني ڏيئي سگهي ٿو؟ ماڻهو ڇا به چون پر اها حقيقت آهي ته اڳين پيغمبرن به هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪيون ۽ سندن شريعت ۾ تعداد ازواج (Polygamy) جو رواج هو. حضرت ابراهيم عليہ السلام، حضرت يعقوب عليہ السلام، حضرت موسيٰ عليہ السلام توڙي دائود عليهم السلام هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪيون هيون. اها ئي رسم هندن جي وڏن رشين ۾ هلندي پئي آئي. حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو مثال ته ڏيئي نٿو سگهجي، جيڪڏهن هن جي سنت تي هلجي ته دنيا جو خاتمو ٿي سگهي ٿو، ڇو ته مقدس انجيلن مطابق حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڇڙو رهيو، سڄي عمر شادي ئي ڪونه ڪيائين.

رسول ڪريم ﷺ جي گهريلو زندگيءَ کي ٽن دؤرن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

پهريون دور

نبيﷺ پنجويهن سالن جي عمر تائين ڇڙا رهيا ۽ هن ئي عمر ۾ ڪيس مڪه جا رهاڪو الامين ڪوٺيندا هئا. سندن هيءَ ڇڙائپ واري زندگي نهايت پاڪيزه رهي. مٿي مون سندس تنقيد نگار سوانح لکندڙ سر وليم ميور جي شهادت نقل ڪئي، جنهن ۾ هن صاحب رسول ڪريم ﷺ جي جوانيءَ واري حياتيءَ جي بيحد تعريف ڪئي آهي ته اها عفت ۽ ايمانداريءَ واري هئي، جنهن ڪري ماڻهن ڪيس ”الامين“ جو لقب ڏنو هو.

ٻيو دور

جڏهن پيغمبر خدا ﷺ پنجويهن سالن جي عمر کي پهتو ته هن چاليهن ورهين جي هڪ ڦلاوتڻ عورت بيبي خديجه رضه سان شادي ڪئي. سندس پهرين شادي هڪ بيوهه عورت سان ٿي سا به هن کان پندرهن ورهيه وڏي هئي. رسول الله ﷺ پاڻ هڪ معزز قبيلي قريش سان تعلق رکندا هئا، هو سولائيءَ سان هڪ حسين ڪنواريءَ

چوڪريءَ سان پرڻجي پئي سگهيا. بيبي خديجه سان رسول خدا ﷺ ستاويھ سال گڏ ازدواجي زندگي گذاري، تان جو بيبي سڳوريءَ جو انتقال ٿيو. ان عرصي دوران هن ٻي ڪا به شادي نه ڪئي. بيبي صاقّحبه جي وفات وقت حضور ﷺ جن جي عمر مبارڪ پاونجاهه سال هئي. حضرت خديجه رضه کان پوءِ حضور ﷺ جن حضرت سوده رضه سان شادي ڪئي جا به عمر ۾ وڏي هئي. هوءَ پنهنجي مڙس سان گڏ حبش ڏانهن هجرت ڪري وئي ۽ سندس مڙس جو انتقال اتي ٿيو هو.

ٽيون دور

هاڻي ٽيون دور ملاحظه ڪريو. هجرت جي ٻئي سال ۾ رسول خدا ﷺ قريش سان جنگيون لڙيون هيون، جنهن ۾ عرب جا ٻيا قبيلا به شامل هئا. هنن جنگين ۾ ڪيترائي مرد شهيد ٿيا هئا، جي ئي پنهنجن فئملين کي سپورٽ ڪندا هئا. هي جنگيون مسلسل اٺين هجري سنه تائين هلنديون رهيون. انهيءَ دور ۾ رسول خدا ﷺ سڀ شاديون ڪيون هيون، جن تي موجوده ذهن جا ماڻهو اعتراض وارينداآهن. لطف جي ڳالھ هي آهي ته ان وقت

رسول خدا ﷺ جي دوستن توڙي مخالفن مٿس ڪو اعتراض نه ڪيو. هنن ڏٺو پئي ته نبي بيوه عورتن کي سهارو پئي ڏنو ۽ هنن جي سار سنڀال پئي لڌائين. جيئن مٿي عرض ڪيو ويو ته رسول الله ﷺ کي فقط ٻن گهر وارين حضرت خديجه ۽ حضرت ماريه قبطيءَ جي بطن مبارڪ مان ٻار ڄاوا هئا.

رسول الله ﷺ جون شاديون - هڪ عيسائي مصنف جي نظر ۾

جيتوڻيڪ سر وليم ميور، فشر ۽ ڪئنٽانو جهڙا ٻيا مصنف رسول خدا ﷺ جي شادين تي اعتراض ڪن ٿا، پر مغرب ۾ ڪي حق پرست ليکڪ به ٿي گذريا آهن، جن رسول خدا ﷺ جو دفاع به ڪيو اهي. مسٽر باسورٿ سمٿ (Bosworth Smith) انهن مان هڪ هو. اسان جي پياري نبي ﷺ جي شادين تي تبصرو ڪندي هو پنهنجي ڪتاب (Mohammad and Mohammandism) ۾ لکي ٿو ته ”بهرحال هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته حضرت محمد ﷺ رحم جي ارادي سان ڪيترين ئي شاديون محض ان ڪري ڪيون، جو

اهي عورتون لاوارث ۽ نڌڻڪيون هيون. رسول خدا جون گهر واريون گهڻو ڪري سڀئي ڦلاوتڻ (بيوه) هيون ۽ دولت توڙي سونهن سوپيا جي لحاظ کان به نمايان ڪونه هيون. پر قصو مورڳو الٽو هو.“ (يعني نه سونهن واريون هيون ۽ نه دولتمند.)

“It should be remembered, however, that most of Muhammad's marriages may be explained, at least, as much by his pity for the forlon condition of the person's concerned, as by other motives. The were almost all of them widows who were not remarkable either for their beauty or their wealth, but quite the revers.” (Quoted in “Life of Mohammad” Page 245).

عياش رهڻي ڪهڻي ۾ سادا نه هوندا آهن

حضرت محمد ﷺ جي شادين جي روداد مٿي بيان ٿي. فقط متعصب ۽ دل جو ڪارو انسان ئي ان مان شهوت پرستي يا عياشي جو انومان ڪڍي سگهي ٿو. هونءَ به

عياش انسانن جي رهڻي ڪهڻي ڪڏهن به سادي ڪانه هوندي آهي. رسول خدا ﷺ ايڏي وڏي پاور رکندي به ٺٺ ٺانگر کان پري رهندا هئا. هر ڪم پنهنجي هٿن سان ڪندا هئا. حضرت بيبي عائشه صديقه حضور ﷺ جن بابت ٻڌائي ٿي ته ”کان يحلب شاتہ و يخيط ثوبہ کان بشرامن البشر.“ يعني رسول خدا ﷺ جن پنهنجيءَ ٻڪريءَ کي پاڻ ڏُهندا هئا، پنهنجن ڪپڙن کي پاڻ ٽوپو ڏيندو هو ۽ انسانن مان هڪ انسان هو. ”سندن سادگيءَ کي مغربي مصنفن به نوٽ ڪيو آهي. مثال طور ارڙهين صديءَ جو نامور يورپي تاريخ دان گبن (gibbon) پنهنجي ڪتاب ”رومي سلطنت جو زوال“ (Decline and fall of Roman Empire) ۾ حضور ﷺ جن جي سادگي واريءَ حياتيءَ بابت لکي ٿو ته حضور ﷺ جن کي شاهاڻي شان شوڪت کان نفرت هوندي هئي. باهه پاڻ دکائيندو هو، گهر جي ايوان ۾ پاڻ ٻوهاري ڏيندو هو. هٿن سان کير ڏهندو هو. پنهنجي جتي توڙي اوني پوشاڪ کي پاڻ چتيون هڻندو هو.

راهبانه زندگي کان ڪناره ڪشي ڪري رسول خدا ﷺ عربن جو پرهيز وارو ۽ سادو کاڌو بغير تڪليف

جي ڪائيندو هو. ان باري ۾ ڪا به وڏائي محسوس نه ڪندو هو. ڪنهن ڪنهن موقعي تي حضرت محمد ﷺ پنهنجي اصحاب سڳورن جي ميزبانيءَ جا فرائض بجا آڻيندو هو. پر هن جي گهريلو زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي هفتن تائين گهر جي چلهه تي باهه نه ٻرندي هئي.“

“The good sence of Muhammad, despised the pomp of royalty; the Apostle of god submitted to the menial offices of the family, he kindled the fire, swept the floor, milked the cows and mended with his own hands shoes and his woollen graments. Disdianing the penance and merit of a hermit, he observed without effort and vanity, the abstemious diet of an Arab and a soldier. On solemn occasions he feted his companions with hospitable plenty; but in domestic life, many weeks would elapse without a fire

being kindled in the hearth of the prophet." (Page -49).

مؤرخ گبن رسول خدا ﷺ جي سادگيءَ بابت مٿي جو ڪجھ لکيو ان کي پڙھي ڪو مخبوط الحواس ۽ پاڳل انسان ئي ھن عظيم شخص تي عياشي جھڙو بيھوده الزام مڙھيندو. دل ٿي گھريم ته پنھنجي پياري پيغمبر ﷺ جي سادگيءَ بابت ھڪ ٻئي نامور مغربي مؤرخ پروفيسر (اسٽئنلي لين پول Stanly Lane Pool) جي ڪتاب "رسول خدا ﷺ جون تقريرون ۽ آمھون سامھون جي گفتگو" (

The speeches and table-talk of the Prophet Mohammad..) مان ھڪ حوالو پيش ڪجي ٿو

لکي ٿو ته "رسول خدا ﷺ پنھنجن عادتن ۾ نھايت ئي سادو ھو، جيتوڻيڪ ھو پنھنجي شخصيت جو ڪافي لحاظ ڪندو ھو. جڏھن ھو پنھنجي اقتدار جي اوج تي رسيو، ان وقت به ھن جو کائڻ پيئڻ، پوشاڪ ۽ گھر جو فرنيچر به قديم طرز جو رھيو. ھو پنھنجين گھر وارين سان گڏ ھڪ ساده ڪکائي گھرن جي قطار ۾ رھندو ھو. اھي گھر ھڪ ٻئي سان کجيءَ جي شاخن ذريعي جدا ٿيل

۽ مٿيءَ ۾ مضبوط ٿيل هئا. هو پاڻ باھ ٻاريندو هو، گهر کي ٻوهاري ڏيندو هو ۽ ٻڪرين کي پاڻ ڏهندو هو. تحقيق رسول خدا ﷺ جي گهر جي ٻاهران هڪ بينچ يا گئلري رکيل هئي، جتي ڪيترائي غريب ماڻهو ويٺل نظر ايندا هئا، جن کي ڪلي طور نبي ﷺ جي سخاوت جو آسرو هو ۽ ان تي پاڙيندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو اهڙن ماڻهن کي اصحاب بينچ ڪري ڪوٺيندا هئا. هن جو رواجي کاڌو ڪتل، پاڻي، جَوَن جي ماني هوندي هئي. کير ۽ ماکي کائڻ جو شوقين هو، پر اهو به اڪيلو ڪڏهن ڪڏهن کائيندو هو، ان ۾ به ٻيا ڀائيوار هوندا هئس. عرب جي بادشاه ٻڌڻ کان پوءِ به صحرائي ماحول هن لاءِ سازگار رهندو هو ۽ ان کي پسند ڪندو هو.“

“In his habits he was extremely simple, although he besttowed great care on his person. His eating and drinking, his dress and his furniture retained, even when he reached the fullness of power, their almost primitive nature. He lived with his wives in a

row of humble cottages seprated from one another by palm – branches, cemented together with mud. He would kindle the fire, sweep the floor, and milk the goats himself. The little food he had was always shared with those who dropped in to partake of it. Indeed outside the prophet's house was a bench or a gallery, on which were always found a number of poor who lived entirely upon his generosity, and were hence called the people of the bench. His ordinary food was dates and water, or barley bread: milk and honey were luxuries of which he was fond, but which he rarely allowed himslef. The desert atmosphere seemed most congenial to him even when he was sovereign of Arabia.” (Page 45-47).

اهڙيءَ رهڻي ڪهڻي واري ماڻهوءَ کي عياش ڪوٺڻ مغربي مصنفن جي ايتري زيادتي آهي، جنهن جي مذمت ۾ الفاظ ئي ڪونه ٿا ملن.

حضرت محمد ﷺ ۽ عورتن جا حق

رسول الله ﷺ جا مخالف ۽ دشمن طعنو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته اسلام ۾ تعدد ازواج جي ڪري عورتن جي حقن کي ڪچلايو ويو آهي ۽ حضرت محمد ﷺ جي نزديڪ عورتن جي ڪا به سماجي حيثيت نه آهي. اسان جا ڪي مسلمان اديب دوست به هن فريب جا شڪار ٿيا ۽ افسانوي رنگ ۾ هو اسلام جي عائلي نظام تي جلهون ڪندا رهن ٿا. پر حقيقت ۾ اها اسان جي دوستن جي غلط فهمي ۽ ڪم علمي آهي. دنيا جي ڪنهن به رشي يا پيغمبر عورتن کي عاليشان مرتبو نبيءَ جي مقابلي ۾ ڪونه بخشيو آهي. اسان جو نبي ﷺ عورت ذات جو به وڏو محسن آهي. هن عورتن بابت جاهليت وارا سڀ تصورات ۽ وهم مٽائي ڇڏيا. رسول خدا ﷺ جي مٿان نازل ٿيل قرآن مجيد جي هڪ وڏي سورت ”النساءَ“ ۾ عورتن جا مسئلا بيان ٿيل آهن.

اسلام ۾ عورت کي ملڪيت جو حق ڏنو ويو آهي. قرآن ۾ عورتن جي ملڪيت جي وراثت لاءِ حڪم ٿيل آهي ته:”للرجال نصيب مما ترک الوالدان والاقربون مما قل منہ او کثر نصيبا مفروضا“ (سورة النساءِ) ”جو ڪجھ ٿورو گھڻو پيءُ ماءُ يا ويجھا عزيز ڇڏي وڃن ان ۾ مردن جو به حصو آهي، عورتن جو به حصو آهي، هڪ مقرر ٿيل حصو“ اسلام جي ظهور کان اڳ جاهليت جي دور ۾ عرب پنهنجن نينگرين کي جيئرو پوري ڇڏيندا هئا. رسول خدا ﷺ هن لعنت کي اچي ختم ڪيو. قرآن ۾ هڪڙي هنڌ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته ”واذالموؤدة سئلت باي ذنب قتلت“ جڏهن زنده پوريل ڇوڪرين کان پڇيو ويندو ته کين ڪهڙي ڏوهه سبب قتل ڪيو ويو هو. ايمان آڻڻ کان پوءِ هڪ صحابي رسول الله ﷺ کي اهو قصو ٻڌايو ته ڪيئن نه هن پنهنجيءَ نينگريءَ کي جيئرو پوريو. حديث ۾ اچي ٿو ته هيءَ دلخراش واقعو ٻڌي رحمة للعالمين ﷺ جي اکين مبارڪن مان ڳوڙها ڪري پيا هئا. صنف نازڪ جي حقن جي حفاظت لاءِ احاديث ۾ رسول ڪريم ﷺ جا ايترا ته فرمان نقل ڪيل آهن جن کي قلمبند ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. پڙهندڙن کي

گهرجي ته هن موضوع بابت مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم جو عربيءَ مان ترجمو ٿيل ڪتاب ”مسلمان عورت“ جو مطالع ڪن.
مان مڃان ٿو ته اڄوڪي مسلم معاشره ۾ عورتن سان سخت زيادتي ڪئي ٿي وڃي. پر ان لاءِ اسلام ۽ حضرت محمد صلى الله عليه وسلم جي تعليم جوابدار نه آهن. خرابي ان ڪري پيدا ٿي آهي جو مسلمان ان تي عمل نه ٿا ڪن. اسان جي مصنفن کي گهرجي ته هن سلسلي ۾ اسلام تي تنقيد نه ڪن. ان ۾ ڏوهه اسلام کان غير واقف مسلمانن جو ئي آهي. مغرب جي ڪيترن ئي عالمن پنهنجن ڪتابن ۾ لکيو آهي ته اسلام عورتن کي حقيقي آزادي سان نوازيو آهي ۽ حضرت محمد صلى الله عليه وسلم عورتن جي حقن جو وڏو چئمپين هو. هيٺ ڪن عالمن جا رايا نقل ڪجن ٿا. پڙهندڙن کي گذارش آهي ته ان کي غور سان پڙهن.
مسز ايني بيسنت (Annies Besant) جي راءِ
مشهور انگريز خاتون مسز ايني بيسنت (وفات 1933ع) جي شخصيت ڪنهن به تعارف جي محتاج نه آهي. هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ هن جو وڏو رول رهيو آهي. ٿياسفٽ هجڻ کان علاوه وڏي سياسي مفڪر

به هئي. وڏيڪ ته عورتن جي حقن جي حفاظت لاءِ به سڄي عمر جدوجهد ڪيائين.
مسز بيسنٽ پنهنجي ڪتاب ”حضرت محمد ﷺ جي زندگي ۽ تعليمات“ (Life and Teachings of Mohammad) ۾ لکي ٿي ته:”مان هميشہ سوچيندي آهيان ته عيسائيت جي پيٽ ۾ اسلام ۾ عورت وڌيڪ آزاد آهي. جو مذهب فقط هڪ زال سان شادي ڪرڻ جي دعوت ڏئي ٿو (عيسائيت)، تنهن جي مقابلي ۾ اسلام ۾ عورت ذات وڌيڪ محفوظ آهي. القرآن ۾ عورت بابت قانون وڌيڪ انصاف ۽ لبرلزم تي مبني آهي. اسلام ۾ ته عورتن کي ملڪيت رکڻ جو حق هر وقت ۽ منڍ کان وٺي ڏنل آهي، پر عيسائي انگلئنڊ فقط گذريل ويهن سالن کان عورتن کي ملڪيت رکڻ جي حق سان مشرف ڪيو آهي. اسلام تي اهو الزام ته عورتن کي ڪو روح ئي ڪونه آهي، سراسر بهتان ۽ من گهڙت آهي.“
“I offen think that woman is more free in Islam that in Christianity. Woman is more protected by Islam than by the faith which preaches monogamy. In Al-Quran the law

about woman is more just and liberal. It is in the last twenty years that chirstian England has recognized the right of woman to propert; while Islam has allowed this right from all time.... It is slanders to say that Islam preaches that woman have no souls.” (Page 45-47).

جارج برناردشا جي راءِ

اهو ڪهڙو پڙهيل شخص آهي جو جارج برناردشا جي شخصيت کان واقف نه هوندو. هن انگريز دراما نويس ۽ مفڪر 1952ع ۾ وفات ڪئي آهي. پنهنجيءَ ڦوهه جوانيءَ کان سوشلسٽ خيالات رکندو آيو. هو سوشلزم جي نظام جو وڏو چاڻو ۽ عالم ٿي گذريو آهي. ان جي ثابتي سندس هڪ لکيل ڪتاب (An intellegient woman's guide to Socalism...) مان ملي ٿو.

ٻي مهاڀاري لڳڻ وقت جڏهن سڄي دنيا جنگ جي شعلن ۾ وڪوڙجي وئي ته ان وقت جارج برناردشا بيان ڪيو هو ته ”ڪاش اڄ محمد ﷺ جيئرو هجي ها ته اسان

جي وچ ۾ صلح ڪرائي جنگ جي تباه ڪارين کان دنيا کي بچائي وجي ها.“

مسز ايني بيسنت پنهنجي ڪتاب ۾ اڳت هلي اسلام ۾ عورتن جي حقن بابت جارج برناردشا جي هڪ خط جو حوالو ڏي ٿي. مسٽر شاهي خط قبرص جي هڪ مسلمان مسٽر نجم ثاقب کي لکيو هو. مسٽر برناردشا چوي ٿو ته ”عورتن ۽ ٻارڙن جي حيثيت توڙي جانورن سان رحمدلي ڏيکارڻ وارن معاملن ۾ حضرت محمد ﷺ جي تعليمات مغربي عيسائي خواه جديد فڪر کان گهڻي مٿي ۽ اڳاٽي آهي.“

“The famoous British dramatist; george Bernard Shaw, in his letter to Mr. Najmi Saqib of Cyprus acknowledges that Prophet Muhammad's teachings on the status of woman, exposure of female children and kindness to animals were far ahead of western christian thought; even of modern thought.” (Page 25-26).

اهڙيءَ طرح مشور برطانوي مستشرق پروفيسر گب (h.A.R. gibb) به تسليم ٿو ڪري ته اسلام ۾ عورتن جي حقن کي محفوظ ڪيو ويو ۽ وڌيڪ ته ”حضرت محمد ﷺ جي اصلاحات عورتن جي حيثيت کي وڌايو ۽ بلند ڪيو. اها اهڙي عام ڳالهه آهي جنهن کي سموري دنيا تسليم ڪري ٿي.“ ملاحظه ٿئي گب جو مشهور ڪتاب ”Mohammandism“

“That his (Mohammad's reforms enhances the status of woman in general is universally admitted.” (Page 32).

اسان ڪيترن ئي مغربي عالمن ۽ دانشورن جا حوالا نقل ڪري سگهون ٿا، جن پنهنجن ڪتابن ۾ تسليم ڪيو آهي ته حضرت محمد ﷺ عورتن جي حقن جو وڏو علمبردار هو. هن جي تعليمات جي اثر ڪري معاشري ۾ عورت کي جوڳو مقام نصيب ٿيو آهي. عورتن کي علم جي سکيا ڏني وئي ۽ انهن تاريخ اسلام ۾ تفسير، حديث توڙي فقہ جي ميدان ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو.

حضرت محمد ﷺ مڙدن سان گڏ عورتن کي به علوم پرائڻ جي تلقين ڪئي، جيئن پاڻ فرمايو اٿن ته:”طلب

العلم فريضة عليٰ كل مسلم و مسلمة“ طوالت جي خوف ڪري مون اختصار کان ڪم وٺي هن موضوع بابت فقط ٻن ٽن نامور مغربي عالمن جا حوالا نقل ڪيا آهن.

يورپي تهذيب ۾ عورت جو مقام

جيڪي ماڻهو ذهني غلامي ۾ مبتلا ٿي دعويٰ ڪن ٿا ته رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ته عورتن کي ڪا به حيثيت نه ڏني، شريعت اسلام ۾ هڪ کان وڌيڪ زالن رکڻ (Polygamy) جي موڪل آهي، تن کي خبر ئي نه آهي ته خود يورپ ۾ عورتن سان ڪهڙي بچڙي نموني جي هلت ڪندا هئا. ڪنهن سمي پوري يورپي تهذيب ۾ عورتن تي ڏائڻ (Witch)هجڻ جي الزام ۾ کين جيئري جلائي ڇڏيندا هئا. ان ظلم جي مذمت ڪرڻ ۾ الفاظ ڪونه ٿا ملن. يورپ جو عظيم ترين فلسفي ۽ ناميارو دانشور آنجهاني براٽرانڊرسل (Bertrand Russel) پنهنجي هڪ ڪتاب ”اخلاقيات ۽ سياست ۾ انساني معاشره“ (Human Society in ethics and Politics) ۾ ڏائڻ عورتن بابت انجيل مقدس جو هڪ فرمان نقل ڪري ٿو ته ”ڪنهن به ڏائڻ عورت جي رهڻ کي اوهان برداشت ئي نه ڪيو.“ رسل لکي ٿو ته انجيل جي هن ئي حڪم

تحت فقط جرمنيءَ ۾ سؤ سالن جي عرصي اندر يعني 1450ع کان 1550ع تائين هڪ لک ڏائڻ عورتون موت جو شڪار ڪيون ويون هيون.
“As a result of this text in germany alone، some one lac withces were put to death during the century from 1450 to 1550.” (Page 32).
چا ان قسم جا پيانڪ مثال اسان وٽ ملن ٿا. يورپي لوڪن ۾ ته عورت کي ڪو درجو ڪونه هوندو هو. ان سلسلي ۾ ممتاز دانشور آنجهاني برٽراندرسل (وفات 1970ع) جو ڪتاب ”شاديون ۽ اخلاقيات“ (Marriages and Morales) جو مطالعو ڪرڻ نهايت ئي مفيد ۽ ڪارائتو آهي. اوهان کي خبر هئڻ گهرجي ته هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ تي پادرين رسل جي خلاف مخالفت جو طوفان ڪڙو ڪيو هو. 1940ع ۾ نيو يارڪ ۾ رسل فلاسفي جو پروفيسر هو. پادرين احتجاج ڪري رسل کي نوڪريءَ مان ڪيرائي ڇڏيو هو. برٽراندرسل جو هي ڪتاب مون نهايت ئي غور ۽ شوق سان پڙهيو. اختلافات جي باوجود تسليم ڪرڻو پوندو ته موضوع جي لحاظ کان رسل جو

ڪتاب خاص مقام جو مالڪ آهي. هيءَ مٿئين ڪتاب جي ڪجھ بابن جو اختصار پيش ڪجي ٿو. اسلام ۾ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي تعليمات جا نقاد ان کي غور سان پڙهن. برٽراندرسل پنهنجي ڪتاب ۾ عيسائين جي مذهبي ڪتاب ”انجيل“ ۾ حضرت عيسيٰ جو هڪ قول نقل ڪيو آهي ته ”اي عورت منهن جو توسان ڪهڙو واسطو“؟

“Woman! What have I to dee with thee.” (John II، 4).

عورت لاءِ عيسائيت ۾ شادي ڪرڻ به ايترو پسنديده فعل نه آهي، جيترو ڪنواري رهڻ ۽ جي شادي ٿي وڃي ته پوءِ ڪنٿالڪ فرقي ۾ طلاق ڏيڻ به ممنوع آهي. حيرت آهي ته ويهين صديءَ ۾ اٽليءَ جي پارليامينٽ ۾ وئٽيڪان جي مخالفت ڪري طلاق جو بل پاس ٿي نه سگهيو. مشهور عيسائي عالم ۽ درويش (سينٽ) پال (Paul) جنهن کي عيسوي سنه کان سٺهٺ سال پوءِ رومي بادشاه نيرو (Neru)مارايو هو، سو مٿئين دل سان شادي جي اجازت ڏي ٿو. شاديءَ کان پوءِ جنسي تعلقات بابت انهيءَ عيسائي عالم سينٽ پال جو قول آهي ته ”شاديءَ ۾ جنسي تعلقات

قائم ڪرڻ نجات حاصل ڪرڻ جي راهه ۾ رڪاوٽ آهي.“

“Sextual intercourse even in marriage is some thing of a handicap in the a hempt to win salvation.”

سينٽ پال جو هڪ ٻيو قول نقل ڪندي برٽرانڊ رسل لکي ٿو ته هو شاديءَ جي اجازت هيٺين الفاظ ۾ ڏي ٿو ته ”ساڙڻ ڪان شادي ڪرڻ بهتر آهي.“

“It is better to marry than to burn.”

ٻئي طرف اسان جي فطري دين اسلام ۾ نڪاح ڪرڻ سنت آهي. حضور ﷺ جن جو ارشاد آهي ته ”النڪاح من سنتي فمن رغب عن سنتي فليس مني.“ (يعني ته نڪاح ڪرڻ منهنجي سنت آهي، جيڪو به ان ڪان منهن موڙي ٿو سو مون مان نه آهي.) حضرت محمد ﷺ عيسائي مذهب جي ”ڇڙي رهڻ واريءَ زندگيءَ کي ممنوع قرار ڏنو. سندن قول آهي ته ”توالد واوتنا سلوٰ“ پيدا ڪيو ۽ نسل وڌايو. يورپي معاشري ۾ عورت کي ”اُم الخبائث“ يعني برائين جي جڙ تصور ڪيو ويندو هو.

پروفيسر برٽراندرسل پنهنجي مٿي مذڪور ٿيل ڪتاب ۾ هڪ ٻئي نامور عالم ليڪي (Lecky) جي ڪتاب ”يورپي اخلاقيات جي تاريخ“ (History of European Morales) مان هڪ حوالو ڪوري ٿو. ليڪي چوي ٿو ته ”عورت کي جهنم جو دروازو ۽ سڀني انساني بيمارين جي ماءُ قرار ڏنو ويو. عورت کي عورت سڏائڻ تي شرم محسوس ڪرڻ کپي، عورت ذات جي ڪري دنيا ۾ ڪيترائي عذاب ۽ قهر نازل ٿيا. ان ڪري عورت کي کپي ته هو سدائين توبهه ۽ استغفار ۾ رهي، عورت کي پنهنجي پوشاڪ تي شرم اچڻ کپي ڇو ته اها سندس زوال جي يادگيري آهي. خاص طور پنهنجي حسن تي عورت کي شرم اچڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته اهو شيطان جو وڏي ۾ وڏو هٿيار آهي.“

“Woman was represented as the door of hell, as the mother of all human ills. She should be ashamed at the very thought that she is a woman. She should live in continual penance, on account of the curses she has brought upon the world. She should be

ashamed of her dress, for it is the memorial of her fall. She should be especially ashamed of her beauty, for it is the most potent instruement of daemon.” (Marriage and Morales Page-35).

يورپ ۾ نسواني حقن جي تحريڪ سترهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ فرينچ انقلاب جي ڪاميابيءَ کان پوءِ شروع ٿي هئي. سول قانون ۾ ترميم ڪري ڌيئرن کي ورثي جو حق مليو. يورپ ۾ عورتن جي آزاديءَ بابت پهريون ڪتاب 1792ع ۾ شايع ٿيو هو، جو هڪ پرجوش عورت مئري وولس ٽونيڪرافٽ (Wolls Tonecraft) لکيو هو. سندس ڪتاب جو نالو آهي ”عورتن جي حقن جي حمايت“ (Vindication of the Rightst of Women) هن ڪتاب يورپي عورتن کي پنهنجي حقن کان آگاهه ڪيو. مٿئين مائي صاحبه جي ڪتاب ڇپجڻ کان پوءِ 1840ع ۾ برطانيا جي شهره آفاق اديب، مفڪر ۽ دانشور آنجهاني جان اسٽوئرٽ مل (Mill) جو ڪتاب (Subjection of Women) شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ عورت جي مظلوميت بيان ڪري، مل انهن کي معاشره ۾

صحيح مقام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ردعمل جو شڪار ٿي يورپ ۾ عورتن کي ايتري ته آزادي ملي جو اها هاڻي خود انهن لاءِ مصيبت ثابت ٿي. عورت بالغ ٿي ته پنهنجي معاش جو فڪر پاڻ ڪري. هوءَ بالغ ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي پيءُ ماءُ جي گهر مسواڙ تي رهي سگهي ٿي. مشهور عرب اديب ڊاڪٽر يحيٰ خشب پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ هڪڙي هنڌ دل ڏاريندڙ واقعو بيان ڪيو. چوي ٿو ته هو فرانس ۾ پي ايچ ڊي ڊگري وٺڻ لاءِ پئرس ويو هو، جتي هن هڪ فرينچ کان جاءِ مسواڙ تي ورتي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته ان فرينچ جي گهر هڪ ڇوڪري به ويٺل هئي. جاءِ جي ائگريمينٽ ڪرڻ وقت اها روئن لڳي. مون تنهن تي ڇوڪريءَ کان روئڻ جو سبب پڇيو، جنهن جي جواب ۾ چيو ته مان اوهان جي لئنڊ لارڊ جي ڌيءَ آهيان، اڃان ڪنواري آهيان، شادي به ڪانه ڪئي اٿم. منهنجو پيءُ اوهان واري جاءِ مون کي مسواڙ تي پيو ڏي، پر ڇاڪاڻ ته اوهان وڌيڪ مسواڙ پري ڏني آهي، ان ڪري جاءِ اوهان کي ملي. ٻڌايو ته مان ڪاڏي وڃان؟ ڇا ان جو نالو ترقي پسندي آهي؟

آمريڪا ۾ به ساڳيو حال آهي. اتي به عورتن جي ڇڙواڳيءَ وڏا مسئلاپيدا ڪيا آهن. سوزاڪ جي بيماري ننڍين توڙي وڏن ۾ عام آهي ۽ هن موذي مرض جي خاتمي لاءِ آمريڪي حڪومت ڪروڙين ڊالر خرچ ڪري ٿي. عائلي نظام درهم برهم آهي. حرامي ٻچا ايڏا ته پيدا ٿا ٿين جو انهن جي ڪفالت دردِ سر آهي. حرامي ٻچن جي تناسب جو هي حال آهي جو جرمني جو مشهور سوشلسٽ سياستدان ولي برانڊٽ، جيڪو جرمنيءَ جو چانسلير جي اعليٰ عهده تي فائز رهيو، تنهن پبلڪ تقرير ۾ چيو ته ”هو حرامي ٻار آهي. ماءُ جي خبر اٿم پر پيءُ الائي ڪيرآهي. خبر نه اٿم ته ڪنهن جي نطفي مان پيدا ٿيو آهيان!“

پروفيسر پٽرڪ سوروڪن (Sorokin) پنهنجي ڪتاب ”آمريڪا ۾ جنسي انقلاب“ (Sextual Revolution in America) ۾ امريڪي فئملي جو اهڙو ته نقشو چٽيو آهي جو پائنجي ٿو ته اڄ سڄي پوريءَ آمريڪي قوم جي ستيا ناس ٿي ويندي ڇا اهڙي زوال پذير معاشري جا علمبردار حضرت محمد ﷺ تي عورتن بابت الزام لڳائين ٿا؟ عورتن جي حقن جي علمبرداري فقط حضرت

محمد ﷺ ڪئي اهي. اوهان ڪيترو وقت سچ کي ترڇيءَ هيٺ لڪائيندا؟

مشهور برطانوي سوشلسٽ مفڪر ۽ ڊراما نويس جارج برنارڊشا آنحضرت ﷺ جي شخصيت کي پرزور خراج عقيدت پيش ڪندي لکي ٿو ته ”عيسائين توڙي سندن مشنرين اسلام جو خطرناڪ نقشو چٽيو آهي. نه فقط ايترو پر هنن نبي ڪريم حضرت محمد ﷺ ۽ هن جي مذهب خلاف منظم ۽ رٿيل پروپئگنڊا ڪئي آهي. مون اسلام توڙي رسول خدا ﷺ جي زندگيءَ جو مطالع خبرداريءَ سان ڪيو آهي. مون بحيثيت نقاد ۽ تاريخ جي شاگرد طور ائين ڪيو آهي. آخرڪار ان نتيجي تي پهتو آهيان ته حضرت محمد ﷺ في الحقيقت تمام وڏو ماڻهو هو. هو انسان ذات جو محسن ۽ نجات دهنده هو، جا ان وقت درد ۽ ڪرب ۾ لڇي ڦٿڪي رهي هئي.

“The christians and their missionaries have presented a horrible picture of Islam. Not only that they also carried out an organized and plannes propaganda against the personality of prophet Mohammad and the

religion he preached. I have done so both as a student of history and as a critic. And I have come to the conclusion that Muhammad was indeed a great man and a deliverer and benefactor of mankind which was tillthen writhing under a most agonising pain.”

عيسائين جي مسلسل پروپئگنڊا جو اهو نتيجو نڪتو جو گذريل صديءَ کان وٺي مغرب ۾ حضور ﷺ جي ڪن سوانح نگارن هن عظيم انسان جي شادين تي اعتراض ڪندي هن کي عياش يا شهوت پرست (Profilgate) سڏيو. شادين بابت صحيح صورتحال مٿي بيان ڪيو ويو.

حضور ﷺ جن مهاتما گانڌيءَ جي نظر ۾

مهاتما گانڌي (قتل ٿيل 1948ع) ويهين صديءَ ۾ وڏي ۾ وڏو سياستدان ٿي گذريو. مشهور سائنسدان آئن اسٽائن چوندو هو ته ”مون کي گانڌيءَ جي همعصر هجڻ ۾ خوشي ۽ فخر آهي“ مولانا آزاد مرحوم هن کي ”موجوده هندستان جو عظيم ترين فرزند“ ڪوٺيو هو. مسٽر گانڌي اسان جي نبي سڳوري ﷺ کي نذرانه عقيدت پيش

ڪندي چوي ٿو ته ”مون کي ان ڳالهه تي تعجب ايندو آهي جڏهن ڪاري ڪنبل پائڻ تي مون کان ڪو مسلمان سوال ڪندو آهي. مان انهن کي ٻڌائيندو آهيان ته ڪاري ڪنبل پائڻ جي مراد حضرت محمد ﷺ کي ذاتي خراج عقيدت پيش ڪرڻ آهي، جنهن جهڙو عظيم ترين انسان وري دنيا ۾ پيدا ئي ڪونه ٿيو. رسول خدا ﷺ پنهنجي روز مره جي حياتيءَ ۾ ايڏو ته سادو هو جو وهم ۾ ئي نه اچي سگهندو هو ته ڪو هو لکن انسانن جي دلين تي حڪمراني ڪري رهيو آهي. 1936ع جي اليڪشن کان پوءِ ڪانگريسي گورنمنٽون قائم ٿيون هيون ته مون کين حضرت عمر رضه جي نقش قدم تي هلڻ لاءِ تلقين ڪئي هئي، چو جو حضرت فاروق اڪبر رضه نبي ﷺ جي هر قول ۽ دعوت تي لبيڪ چئي ان جو مڪمل نفاذ ڪري عام ماڻهوءَ جي زندگي سڌاري ڇڏي هئي.“

“I am only surprised when some Muslim asks me as to why I always use black blankets; i tell them that I do so as a token of my personal homage to Prophet Muhammad who was the greatest man the world has over

produced. He was so simple in his day to day life thatone could hardly imagine that he was the man who was ruling over the hearts of the millions all over the world. I instructed the congress governments، immediately after they assumed power after the elections of 1936 that they should follow the footsteps of Hazrat umer who thoroughly implemented every preaching of prophet Muhammad and thus bettered the lot of the common man.”

نبي ﷺ جي تاريخي ڪردار، سادگي ۽ جمهوري ماحول پيدا ڪرڻ تي مشهور انگريز اديب ۽ مصنف ڊاڪٽر سئمل جانسن (Johnson) هن ڪي ايڏي وقت گذرڻ جي باوجود جديد دور جو انسان ڪوٺي ٿو.

“His purely historical character, his simple humanity. claiming to be a man among men, his intenserealism avolding all mystical

remoteness; the throughly democratic and universal form under which his ideas of divine monrchy led him to conceive the relations of men, the force of ethical appeal all affiliate Muhammad with the modern world.”

حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو ته اوهان مان ڪو دعا گهري ته هن ريت نه گهري:ته الله تعاليٰ مون کي بخش ڪر جيڪڏهن تون چاهين يا رحم ڪر جيڪڏهن تون چاهين. پر هيئن چوي: مون کي بخش ڪر چو ته الله جل جلالہ تي ڪوئي جبر ڪرڻ وارو ڪونهي.
(موطا)